محمد قاسم راڄپر

# شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ لکيل سنڌي ناٽڪ


## *Abstract:*

*Shah Abdul Latif Bhittai (1689–1752) was a Sufi scholar and considered as one of the greatest poets of the Sindhi language. Shah Abdul Latif Bhittai was born in 1689 in Hala Haveli's village near Hyderabad, Pakistan. His most famous written work is the "Shah Jo Risalo", which is a masterpiece of Sindhi Literature as well. The major themes of his poetry include Unity of Almighty, love for human, religious tolerance and humanistic values. The women in Shah Abdul Latif's poetry are known as the seven heroines* (ست سورميون) *of Sindhi folklore. They have been given the status of heroines in the Shah Jo Risalo. The Seven heroines respected throughout Sindh for their positive qualities: their honesty, integrity, piety and loyalty. They were also valued for their bravery and their willingness to risk their lives in the name of love. In his monumental work, there are Chapters, known as Surs (Melodies) where Bhittai gives his Message of love, longing, patriotism, communal harmony, tolerance, divine affection and devotion. These Seven Melodies, in fact the seven stages of Soul find expression through his famous heroine. Scholars have observed that the succession of Sohni, Sassi, Leela, Moomal, Marui, Noori and Sorath (Seven Heroines) represent the Seven Stages of the Soul. Indeed, quite an apt allegory, and Bhittai's specialty is that he does not narrate complete stories but offers dramatic monologues highlighting the lessons to be learnt at each stage. Many Sindhi dramatists write drama in the light of Shah Abdul Latif Bhittai's poetry. Khanchand Daryani was the first play writer who wrote 'Moomal aen Mendhro' in 1922. After that, so many dramatists have written drama in the perspective of the poetry of Shah.*


**ڊرامو** انساني جذبن جي اظهار جو قديم ۽ مجيل ذريعو آهي، جديد ڊرامي جي شروعات يونان کان ٿي. يونانين پنهنجي ورثي کي نہ رڳو محفوظ ڪيو، پر ان تي وڌيڪ تحقيق ۽ اڀياس ڪري دنيا کي نوان رستا ڏسيا. يونان ۾ ڊرامو ابتدائي صورت ۾ شاعراڻي اسلوب ۾ مليو هو، جنهن تي افلاطون پهريون ڀيرو تنقيد ڪئي. افلاطون شاعريءَ جا ٽي قسم ،(1) بيانيہ شاعري (2) ڊرامائي شاعري (3) رزميہ شاعري، ڄاڻايا





آهن. ادب جي قديم تاريخن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڊرامي جي سڀ کان اڳاٽي وصف ارسطوءَ کان ملي ٿي. جيڪا هن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب بوطيقا (Poetics) ۾ الميي (Tragedy) تي بحث ڪندي ڀڌائي آهي. هن الميي يا ڊرامي کي عمل جي نقالي (Imitation of an action) سڏيو آهي.

عالمن جي راءِ آهي تہ ڊرامو ارسطوءَ ايجاد نہ ڪيو هو، پر هن پنهنجي خيالن کي واضح ڪرڻ لاءِ مشهور يوناني ناٽڪ نويسن جهڙوڪ 'سوفوڪليز' وغيره جي تخليقن مان مثال پيش ڪيا. يونانين جو يقين هو تہ الميو (Tragedy) ڊرامي جو سڀ کان اعليٰ قسم آهي. ارسطوءَ جي الميي واري وصف کي ئي ڊرامي جي وصف تسليم ڪيو ويو آهي،

شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪجي ٿو تہ ان ۾ اهي سموريون خوبيون ۽ عنصر نظر اچن ٿا، جيڪي ارسطوءَ الميي (ڊارمي) لاءِ لازمي قرار ڏنا آهن. شاهه جي تمثيلي شاعريءَ ۾ جڏهن شاهه جي سورمين ۽ سورمن، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، مومل راڻو، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، مورڙو (سُر گهاتو) ۽ امام حسين (سُر ڪيڏارو) تي غور ڪجي ٿو تہ انهن ۾ ارسطوءَ واري قديم ڊرامي جا مڙئي عنصر ملن ٿا، جيڪي هن بوطيقا (Poetics) ۾ ڀڌايا آهن. جيڪي هي آهن:

(1) سٽاءُ (Plot)، (2) ڪردار (Character)، (3) خيال (Thoughts)، (4) ڳالهائڻ جو انداز (Diction)، (5) سنگيت (Melody )، (6) تماشو (Spectacle ).

شاهه جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو قديم، پر جديد ڊرامي جا بہ سمورا عنصر ملن ٿا. شاهه جي تمثيلي شاعريءَ ۾ 'پلاٽ، مرڪزي خيال، ڪردار، سيرت نگاري، منظرنگاري، مڪالما، تسلسل ۽ ڪشمڪش، ٽڪراءُ ۽ انجام' جو بہ پورو پورو خيال رکيل نظر اچي ٿو. شاهه جي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه اهي ڊرامائي اهڃاڻ، اصول ۽ عنصر ڪٿان اوڌارا نہ ورتا آهن، پر هن اهي اصول ۽ عنصر پاڻ تخليق ڪيا آهن. هونئن تہ سنڌيءَ ۾ سنگيت ڊرامن جو باني مرزا قليچ بيگ کي سڏيو وڃي ٿو، پر شاهه جي شاعريءَ ۾ سنگيت ڊرامي جي سمورين خوبين ۽ عنصرن کي سامهون رکيو وڃي تہ نتيجو ڪجھ ٻيو هوندو، پر افسوس تہ سنڌ ۾ ان حوالي سان تحقيق ۽ تنقيد بنهہ گهٽ ٿي آهي. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ



Shah Abdul Latif Bhittai Chair
Shah Abdul Latif Bhittai Chair

اسان وٽ اڃا تائين ڊرامو مذهبي اثر کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو آهي ۽ ڊرامي کي مذهبي بنياد تي معيوب سمجهي، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي ان پاسي تي تحقيقي ڪم نہ ٿو ڪيو وڃي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ناٽڪ جي پهريون پيرو نشاندهي ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ڪئي هئي. هن شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي حوالي سان شاهہ جي سورمين ۽ سورمن جي ڪردار نگاريءَ کي ناٽڪي ڪوٺيو آهي. هو لکي ٿو تہ، ”شاهہ جو نمونو بہ انگريزي شاعر شيڪسپيئر وانگي ناٽڪ جهڙو آهي. هي هڪ نئون نمونو آهي، جو سنڌ جي ڪنهن ٻئي شاعر استعمال ۾ نہ آندو آهي. انهيءَ شعر ۾ شاهہ جي شعور جون ڪُل خوبيون نڪري نروار ٿين ٿيون.“(1)

ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ناٽڪ جي بنيادي عنصرن علامت نگاري، منظر ڪشي، گفتگوءِ، سيرت نگاري، خيال ۽ عبارت جو بہ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو تہ، ”گهڻن ئي عالمن ستن ئي سورمين جي سيرت نگاريءَ جي بہ اوک ڊوک ڪئي آهي. شاهہ جي شعر ۾حقيقت ۽ طلسم جو جيڪو جوڙ آهي. اُهو ڏسندڙن جي دلچسپي شروع کان آخر تائين قائم رکي ٿو. ڪڇ ۾ شاهہ جي مريد فقير تمر ناٽڪ طرز ۾ شاهہ جا شعر اُچاريندو هو، جو اڳتي هلي شاهہ جي بيت، ناٽڪي انداز ۾ اُچارڻ ٻني ڪڇ ۾ پرمپرا (روايت) بڻجي وئي.“(2)

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي شاهہ جي شاعريءَ جي ناٽڪي رخ جي نشاندهي ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجي تقريرن، مضمونن ۽ مقالن ۾ ڪئي هئي. جنهن ڪانپوءِ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي ڊرامائي روپ کي نظر ۾ رکندي شاعريءَ جي پس منظر ۾ سنڌي ناٽڪ لکڻ جي شروعات سنڌي ناٽڪ ۾ حقيقت نگاريءَ جي باني خانچند درياڻيءَ 1922ع ۾ ڪئي. هن سُر مومل راڻي تي پهريون ناٽڪ ’مومل مينڌرو‘ لکيو. جنهن جو بنياد شاهہ سائين جي شاعريءَ تي هو. هن ناٽڪ کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ هنڌ هنڌ تي شاهہ ڀٽائيءَ جي شاعري ڪتب آندي. جنهن سندس ان ڪامياب تخليق کي وڌيڪ دلچسپ بڻايو. اهو ناٽڪ پهريان سنڌي ساهت سوسائٽي شايع ڪرايو، جنهن ڪانپوءِ اهو ناٽڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي هدايتن هيٺ ’ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچيءَ‘ پاران اسٽيج ڪيو ويو. ان ناٽڪ ۾ اداڪاري ڊي جي ڪاليج جي شاگردن ڪئي. ناٽڪ جي هدايتڪار پروفيسر





منگهارام ملڪاڻي ان ناٽڪ جو احوال ڏيندي لکي ٿو تہ، ”ان ۾ بيت ۽ ڏوهيڙا شاهہ صاحب جا ڪم آندل هئا ۽ ڪردارن جي زباني اهي نهڪندڙ هئا. .. هن ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي هڪ ڇوڪري مڪند لالا ڏاڏي نفيسائي ۽ اُتساهہ وچان ڪيو هو ۽ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ميناج ﭘريا ڳايا هئا، راڻي جو پارٽ موتي جڳتياڻيءَ ڪيو هو.“(3)

ان ناٽڪ ڪانپوءِ لعل چند امر ڏني مل عمر مارئيءَ جي قصي تي ’عمر مارئي‘ لوڪ ناٽڪ لکيو، جيڪو رابندر ناٿ ڊرئمٽيڪ ڪلب حيدرآباد پاران 1925ع ۾ اسٽيج ٿيو. اهو ناٽڪ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ساڳئي ناٽڪ منڊليءَ ور ور ڏئي ڏهہ ٻارهن ڀيرا اسٽيج ڪيو هو. ساڳئي سال لعل چند امر ڏني ٻيو ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ لکيو، پر اهو اسٽيج تي نہ اچي سگهيو. جنهن ڪانپوءِ هن ’سسئي پنهون‘ ناٽڪ ڊنگو مل سان گڏجي لکيو، پر اهو بہ اسٽيج نہ ٿي سگهيو ۽ نہ وري شايع ٿي سگهيو. 1932ع ۾ مزاحيہ اداڪار منگل سنگهہ رامچنداڻيءَ ’سسئي پنهون‘ ناٽڪ لکيو هو. جيڪو ’ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد‘ پاران اسٽيج تي آندو ويو. ان ۾ بہ شاهہ جون ڪافيون ۽ وايون ڏنل هيون. ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي 1936ع ۾ ’ليلا چنيسر‘ جي لوڪ داستان تي ناٽڪ ’هڪڙي رات‘ جي نالي سان لکيو. هي ناٽڪ اسٽيج تي ڪونہ آيو، پر ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. جنهن جو مهاڳ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو.

شاهہ جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻي وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ ’مومل راڻو‘ لکي اسٽيج تي آندو. جنهن جون هدايتون ڪاليج جي استادن هيرانند ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ ڏنيون. هن ناٽڪ ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي شاگردياڻي مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو، جنهن شاهہ جا بيت ۽ وايون سُريلي آواز ۾ ڳايون. راڻي جو ڪردار ڪملا ڪرپلاڻيءَ مرداڻي انداز ۾ ڪيو. رُڪَ آڏواڻي سومل بڻي. رام پنجواڻيءَ شاهہ جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان ’عمر مارئي‘ تي ’پکي ۽ پدمڻي‘ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج جي شاگردياڻين پنجواڻي صاحب جي ’سنڌي سرڪل‘ جي پليٽ فارم تان سندس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. جنهن ۾ عمر جو ڪردار مئنا، مارئيءَ جو ڪردار ڪملا ٽڏاڻي ادا ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ رام پنجواڻِي ڀڳت جي روپ ۾ ڀٽائيءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاعري موهيندڙ انداز ۾ ڳائي هئي. ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي جي هلچل تيز ٿيڻ سبب هن دؤر ۾ ناٽڪ سرجڻ گهٽجي ويا ۽ ورهاڱي کان اڳ 1946ع ۾ نانڪرام ڏرمداس لوڪ ناٽڪ 'سهڻي ميهار' لکيو. جيڪو ماهوار 'ڀارت جيون' حيدرآباد ۾ شايع ٿيو، ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾آخري لوڪ ناٽڪ 'سسئي رُل مُئي' لعل چند امر ڏني مل 1946ع ۾ لکيو. جيڪو 'مهراڻ مخزن' ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو.

ورهاڱي سبب سنڌي ناٽڪ جي جُڙيل شاندار روايت پوئتي پئجي وئي، سنڌي ناٽڪ جا سرپرست، ليکڪ ۽ فنڪار گهڻي ڀاڱي هندو هئا، جيڪي لڏي هندستان هليا ويا. جنهن سبب سرحد جي ٻنهي پاسن کان سنڌي ناٽڪ ڪجھ سال ماٺ رهيو، پر چوندا آهن ته، ناٽڪ ڪڏهن مرندو ناهي. هند ۾ سنڌي ناٽڪ کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪوشش به لطيف جي نالي سان رام پنجواڻيءَ ڪئي. هن سنڌ ۾ شاھ جي ستن ئي سُورمين تي لکيل پنهنجا ناٽڪ پناهگير ڪئمپن ۾ آباد سنڌين کي هٿ جي ٺهيل اسٽيج تي ڪري ڏيکاريا. ايئن لطيف جي ڪلام وسيلي وندرائي، هن سنڌين جي ڏکن جو بار هلڪو ڪيو. ورهاڱي ڪانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪن جو پهريون مجموعو رام پنجواڻيءَ جو 'سنڌ جون ست ڪهاڻيون' 1952ع ۾شايع ٿيو، جيڪو گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ ئي لکيو ويو هو. ان ۾ شاھ جي ستن ئي سورمين کي سندس ڪلام جي روشنيءَ ۾ڊراما ئي روپ ۾ اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ساڳئي سال جئه هند ڪاليج سنڌي سرڪل، بمبئيءَ پاران اهي ست ئي سورميون اسٽيج تي به آيون. 1955ع ۾ موتي لعل جوتواڻي، نيم تاريخي قصي تي ٻڌل ناٽڪ 'ليلان چنيسر' لکيو، جيڪو سنڌي نو جيون سڀا دهليءَ پاران اسٽيج تي آيو.

ورهاڱي دوران ان موضوع تي سنڌ ۾ مرزا گل حسن ڪربلائي 'ماڳ جي محبت' لکيو. جيڪو لوڪ داستان 'عمر مارئي' تي مشتمل هو. هن ناٽڪ ۾ شاھ سائينءَ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ مارئيءَ جي ملير ۽ مارن سان محبت جي اُپٽار ٿيل هئي. اهو ناٽڪ مهراڻ مخزن ڪراچيءَ ۾ 1947ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته 1952ع ۾ ڪشنچند نيپراج ڏيواڻيءَ جو لکيل ناٽڪ 'سهڻي ميهار' چندن پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. 1955ع ۾ نور احمد نور لوڪ ناٽڪ 'سسئي پنهون' لکيو، جيڪو اتحاد آرٽ ڪلب، حيدرآباد پاران منچ تي پيش ڪيو ويو. 1956ع ۾ غلام حيدر جو لکيل لوڪ ناٽڪ 'مومل راڻو'، ڪوهنور ڊرئميٽڪ





ڪلب، حيدرآباد پاران پيش ڪيو ويو. سيد منظور نقوي سنڌي ريڊيو ڊرامن جي باني مان آهي. هن شاھ سائينءَ جي سورمي ليلا تي اسٽيج ناٽڪ 'ليلا چنيسر' لکيو، جيڪو 1957ع ۾ مهراڻ آرٽس سرڪل، حيدرآباد پاران اسٽيج تي آندو ويو. "ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ جو لکيل منظوم ڊراما 'مومل راڻو' نئين زندگي سيپٽمبر 1957ع ۾ شايع ٿيو. آزاديءَ کان پوءِ هي پهريون ننڍو منظوم ڊراما آهي، جيڪو مثنويءَ جي صورت ۾ جوڙيل آهي."(4)

1958ع ۾ هلال پاڪستان، حيدرآباد (هاڻي ڪراچي) پاران ڊراما نمبر شايع ڪيو ويو. جنهن ۾ مختلف ناٽڪ نويسن جا 15 ناٽڪ شايع ڪيا ويا، ورهاڱي ڪانپوءِ ڪنهن به اخبار پاران شايع ٿيل اهو پهريون 'ناٽڪ نمبر' هو. جنهن ۾ بشارت حسين انصاريءَ جو شاھ جي ڪلام جي پس منظر ۾ لکيل ناٽڪ 'نوري ڄام تماچي' به شامل هو. 1960ع ۾ سراج الحق ميمڻ، شاھ جي سُر گهاتو جي پس منظر ۾ هڪ ناٽڪ 'گهاتو گهر نه آيو' لکيو، جيڪو ٽماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيو. اهو ناٽڪ بيحد مقبول ويو. شعبان بخت جو شمار ورهاڱي ڪانپوءِ وارن بنيادي سنڌي ناٽڪ نويسن ۾ ٿئي ٿو. هن کي لوڪ داستانن ۽ تاريخي ناٽڪ لکڻ جو وڏو ڏانءُ هو. هن 1961ع ۾ تي ناٽڪ 'ور وطن ڄائي'، 'سهڻي ميهار' ۽ 'عمر مارئي' لکيا. انهن ٽنهي ناٽڪن جو بنياد به شاھ سائينءَ جي ڪلاسيڪي شاعري هو. اهي ناٽڪ سنڌو ساٽيھ منڊل حيدرآباد پاران اسٽيج به ڪيا ويا.

سراج صاحب شاھ جي شاعريءَ کي بنياد بڻائي ٻيو ناٽڪ 'پوڇا ڏنم پير، ڏکڻ مٿي ڏول' 1963ع ۾ لکيو. جيڪو تاريخي داستان ليلا چنيسر تي لکيل هو. اهو ناٽڪ ماهوار نئين زندگيءَ ۾ قسطوار شايع ٿيو. آغا سليم گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي، هو لطيف جو پارکو ۽ مترجم به آهي، پر سندس اصل سڃاڻپ ناول ۽ ناٽڪ نويسي آهي. هن شاھ سائينءَ جي شاعريءَ کي نظر ۾ رکي، 'سورٺ راءِ ڏياچ' جي داستان تي اسٽيج ناٽڪ 'گل چنو گرنار جو' لکيو، جيڪو 1964ع ۾ پهريون ڀيرو گورنمينٽ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد پاران اسٽيج ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ به اهو ناٽڪ ڪيترائي ڀيرا اسٽيج تي ڏيکاريو ويو آهي ۽ اڄ تائين ڪامياب ترين ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو، اهو ناٽڪ هندستان ۾ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊلين ۾ جدا جدا شهرن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. اهو ناٽڪ مختلف ادبي رسالن ۾ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو. هاڻي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران آغا سليم جي ناٽڪن جي مجموعي ’ڊراما‘ ۾ به اهو ناٽڪ شامل آهي.

غالب لطيف سنڌ جو مجيل ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي، هن نه رڳو ناٽڪ لکيا، پر سڄي سنڌ خاص طور تي اترين ضلعن ۾ ناٽڪ اسٽيج به ڪيا. جن جو هدايتڪار هو پاڻ ۽ آغا سليم هوندا هئا. غالب، شاهه سائينءَ جي ڪلام کي ذهن ۾ رکي ’سنگهارن جي سار‘ ناٽڪ لکيو. جيڪو ماهوار نئين زندگيءَ (جون 1965) ۾ شايع ٿيو. ان ناٽڪ ۾ مارئيءَ جي جدوجهد ۽ سانگين لاءِ اُڪير کي موضوع بڻايو ويو هو. سنڌي ناٽڪ جي تاريخ لکڻ سان گڏ ناٽڪ نويسيءَ ۾ ڊاڪٽر يوسف پنهور جو به وڏو نالو آهي، جيڪڏهن ايئن چئجي ته، پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ کانپوءِ سنڌي ناٽڪ جي تاريخ لکڻ ۾ سڀ کان وڏو ڪم ڊاڪٽر يوسف پنهور ڪيو آهي ته، ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو. هن مختلف سماجي مسئلن تي گهڻا ناٽڪ لکيا ۽ اسٽيج تي آندا. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ هن جا لکيل ناٽڪ ’عمر مارئي‘، ’ڪاڪ محل‘ ۽ ’سسئي پنهون‘ 1967ع ۽ 1968ع ۾ زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ٽنڊو ڄام پاران اسٽيج ڪيا ويا. هن جي ناٽڪن جو مجموعو ’اسٽيج ڊراما‘ 1980ع ۾ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد پاران شايع ٿيو، جنهن ۾ هن جا لکيل 10 ننڍا ناٽڪ شامل آهن. ان مجموعي ۾ اهي ٽئي ناٽڪ به شامل آهن.

عبدالڪريم بلوچ سنڌي ٽيلي ويزن ناٽڪ جو باني ۽ ابو ليکيو وڃي ٿو. هو ٽي وي کان اڳ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان واڳيل هو. هُو نه رڳو بهترين براڊ ڪاسٽر ۽ پروڊيوسر هو، پر ڪيس قدر ڊرامو لکڻ جي به ڏات ڏني هئي. هن اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لاتعداد ناٽڪ لکيا. هن شاهه سائينءَ جي سُر ’سورٺ راءِ ڏياچ‘ جي پس منظر ۾ ناٽڪ ’تند ڪٽارو ڪنڌ‘ لکيو. جيڪو ماهوار نئين زندگي (مئي 1968) ۾ شايع ٿيو.

سنڌ ۽ هند جي ناٽڪ نويسن شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ هر قسم جا ناٽڪ تخليق ڪيا آهن. ڊاڪٽر اياز قادريءَ تي شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي سنگيت ڊراما جي انداز ۾ لکيو. سدا حيات پوپٽي هيرا ننداڻي شاهه جي ڪلام کي بنهه نئين انداز ۾ ناٽڪي روپ ڏنو. اهو نرتيه ناٽڪ (Ballet) جو انداز هو. جنهن ۾ پوپٽيءَ جو ڪو ثاني نه هو. هن شاهه جي ڪلام جي پس منظر ۾ 1962ع ۾ نرتيه ناٽڪ ’راءِ ڏياچ ۽





سورٺ‘، سنڌي ڀڳت ’مومل راڻو‘ لوڪ سر بمبئيءَ پيش ڪيو. ’مومل راڻو‘ ڀڳت ٽماهي ’اسٽيج‘ مخزن، جنوري _مارچ 1998ع ۾ شايع ٿي. ان ۾ به هن شاهه جو ڪلام ڪتب آندو آهي. پوپٽيءَ جي هڪ ٻيو نرتيه ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ به نه رڳو بمبئي توڙي ٻين شهرن ۾ اسٽيج تي آيو، پر شايع به ٿيو. ” ارجن حاسد، لطيف جي سورمي مارئيءَ تي نرتيه ناٽڪ ’عمر مارئي‘ لکيو. جيڪو 26 جون 1983ع ۾ احمد آباد ۾ غير سنڌين جي هڪ ناٽڪ منڊليءَ پاران پيش ڪيو ويو. ان ناٽڪ جو هدايتڪار چمن تپودن به سنڌي نه هو. هي سنڌي لوڪ سنگيت ناٽڪ جو هڪ ڪلاسيڪل تجربو هو. اهو ناٽڪ اسٽيج مخزن ۾ به شايع ٿيو.“(5)

سنڌ هند جي برک اديب لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘ 1967ع ۾ ’سُر سورٺ‘ ۽ 1969ع ۾ ’سُر ساموندي‘ تي مشتمل ٻه ناٽڪ لکيا، جڏهن ته، هن ٽيون ناٽڪ ’مومل راڻو‘ 1969ع ۾ لکيو. جيڪي سنڌو ڪلا ڪيندر دهليءَ پاران رنگ منچ تي به آندا ويا. جڏهن ته، اهي ڪيترائي ڀيرا شايع به ٿيا. اهي ٽئي سنگيت ناٽڪ به شاهه سائينءَ جي ڪلام کي ذهن ۾ رکي لکيا ويا.

گورڌن ڀارتي هند جو مجيل شاعر ۽ ناٽڪ نويس آهي. هن به شاهه سائينءَ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڪيترائي ناٽڪ لکيا، جن ۾ مومل راڻي جي لوڪ داستان تي مشتمل ’رات رُسي ويو راڻو‘، لوڪ ڪهاڻي سهڻي ميهار تي ’آءُ ڪنن ۾ ڪاهي‘ ۽ عمر مارئيءَ جي قصي کي بنياد بڻائي، هن شاهه سائينءَ جي سُر جي روشنيءَ ۾ ’ڪوٽن ۾ قرار‘ لکيو. اهي ناٽڪ پڻ 1968ع ڌاري لکيا ويا. جيڪي سنڌي ڪلچرل سوسائٽي دهليءَ پاران منچ تي آيا.

نثار حسينيءَ جو شمار سنڌ جي انهن ٿورن ناٽڪ نويسن ۽ هدايتڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن ڪلاسيڪل انداز ۾ تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جي موضوع تي ناٽڪ لکيا ۽ اسٽيج ڪيا. هن جو ناٽڪ ’ڪاڪ ڪڙهي وڻ ٻريا‘ مومل راڻي داستان تي لکيل آهي. ٻيو ناٽڪ ’ڏات جي لات‘ هن نوري ڄام تماچيءَ جي تاريخي قصي تي لکيو. اهي ٻئي ناٽڪ 1972ع ۾ پرياٽ آرٽ سرڪل، حيدرآباد پاران اسٽيج ڪيا ويا.

1973ع ۾ رام ٻيلاڻي خمار ٻه سنگيت ناٽڪ ’راءِ ڏياچ‘ ۽ ’مومل راڻو‘ لکيا. جيڪي جوتي ڪلا مندر بمبئيءَ پاران رنگ منچ تي آيا. 1975ع ۾ هوندراج دکايل جو لوڪ ڪهاڻيءَ جي بنياد ’عمر مارئي‘ ناٽڪ لکيو. جيڪو سنڌو ڪلا مندر گانڌي ڌام



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آڏيپور پاران اسٽيج ڪيو ويو. شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ هندستان ۾ ناٽڪ نه رڳو گهڻي ۾ لکيا ويا، پر گهڻي ڀاڱي اسٽيج به ڪيا ويا. اهو سلسلو اُتي اڄ به جاري آهي. مٿي ذڪر ڪيل ناٽڪن ڪانسواءِ به اڻ ڳڻيا سنڌي لوڪ ناٽڪ، شاهه سائينءَ جي شاعريءَ واري پلاٽ کي نظر ۾ رکي لکيا ويا آهن. گهڻن ناٽڪن جو مرڪزي خيال ڀٽائي جي شاعريءَ ۽ فلسفو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ گهٽ ناٽڪ لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويا.

سنڌ ۽ هند ۾ ريڊيو لاءِ شاهه جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ناٽڪن جو پلاٽ جوڙي بي شمار ناٽڪ لکيا ويا، جيڪي سنڌ ۾ گهڻي ڀاڱي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تان نشر ڪيا ويا. جيڪي پروڊيوسر شيخ ابراهيم ۽ جهانگير قريشيِ پيش ڪيا. مٿي جن ناٽڪن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي گهڻي ڀاڱي شاهه سائينءَ جي سُتن سورمين تي لکيل آهن. سيد ماڪن شاهه رضوي سنڌ جو پهريون ناٽڪ نويس آهي، جنهن شاهه جي سورمن تي ست ريڊيو ناٽڪ لکيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان 1985ع ۾ اهي ناٽڪ 'رتيءَ جي رهاڻ' جي سري هيٺ نصير مراز پيش ڪيا. انهن مان ڪو به ناٽڪ هن وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لائبريريءَ ۾موجود ناهي. انهن ناٽڪن جي پروڊيوسر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي تاريخ لکندڙ هاڻوڪي اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا موجب، "اهي ناٽڪ اڻ ملهه سرمايو هئا، جيڪي اسان جي لائبريريءَ ۾ موجود ناهن. گهڻي ڳولها جي باوجود هٿ نه ٿا اچن، اها ته پڪ آهي ته، اهي اڃا تائين ڪنهن هٿ محفوظ ضرور آهن، پر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ملڪيت هئڻ جي باوجود اسان وٽ نه هئڻ تي بيحد ڏک آهي."(6)

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لائبريريءَ ۾ اهڙن ڊرامن مان فقط هڪ ڊرامو ارشاد قمر شهباز جو لکيل 'سورٺ راءِ ڏياچ' محفوظ ٿيل آهي. جنهن جو پيشڪار خواجه امداد هيو. هو ڊرامو به شروعاتي ڏهاڪن جو رڪارڊ ڪيل آهي، جنهن ۾ غزالا رفيق، قمر شهباز، نور محمد لاشاري، گل بانو، اي. آر. بلوچ، محبوب عالم ۽ ٻين صداڪار طور حصو ورتو.

2014ع ۾ ماڪ جو ڪتاب 'ماڪ جي بريف ڪيس مان' شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ هن جو شاهه سائينءَ جي 'سُر گهاتو' جي پس منظر ۾ لکيل ڊرامائي فيچر 'تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا' شامل آهي. هن اهو ڊرامائي فيچر 1981ع ۾ لکيو هو، جيڪو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





ٺڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر به ٿيو هو. هي پنهنجي نوعيت منفرد ڊرامائي فيچر آهي. اهڙي قسم جا فيچر سيد ماڪن شاهه رضوي 'شاهه جا پکي' ۽ 'شاهه جا پورهيت' جي عنوان سان لکي چڪو آهي. جيڪي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيا.

هندستان ۾ جئپور آڪاش واڻيءَ تان گورڌن پارتيءَ جا شاهه جي سُتن سورمين تي لکيل ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن، جن کي هند ۾ بيحد ساراهيو ويو، انهن ناٽڪن جو هدايتڪار موهن مرچنداڻي هو. هنن ناٽڪن سنڌي ريڊيو ناٽڪن کي هڪ نئون روپ ڏنو. احمد آباد آڪاش واڻيءَ تان ڊاڪٽر لکمي چند پريم، جا لکيل ناٽڪ 'ليلا چنيسر' ۽ 'مومل راڻو' نشر ڪيا ويا.

هند ۾ ڊاڪٽر ڇينو لالواڻي اهو محقق ۽ ناٽڪ نويس آهي، جنهن نه رڳو هر قسم جا سنڌي ناٽڪ لکيا آهن، پر سنڌي ناٽڪ تي سڀ کان وڏيڪ تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا هن جا ئي لکيل آهن. شاهه جي شاعري نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ ڇيني هڪ نئون تجربو ڪيو. هن 'عمر مارئي' داستان تي شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ پپيٽ ناٽڪ 'عمر مارئي' لکيو. "جيڪو دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پپيٽ ماهرن مهيپت ڪوي ۽ ليلا ڪوِي پيش ڪيو. هند سنڌ ۾ اها پهرين وٿنڊڙ ۽ لاجواب ڪوشش رهي. هڪ ڪلاڪ جي ان پپيٽ ناٽڪ جي ڊي وي ڊي هند توڙي ٻين ملڪن ۾ ڪافي مقبول آهي، جنهن ۾ نرتيه انداز ۾ سنگيت به شامل ڪيو ويو آهي".(7)

سنڌ سماءَ جي جديد ذريعن ۾ ٽيلي ويزن سڀ کان وڏيڪ تيز ۽ اثرائتو ذريعو آهي ۽ ڊرامو ٽيلي ويزن تي سڀ کان وڏيڪ ڏنو وڃي ٿو. سنڌي ٽيلي ناٽڪ نويسيءَ جي باني شمشير الحيدريءَ، شاهه جي سُتن سورمين کي ڊرامائي روپ ڏيڻ جو خيال 1986ع ۾ پيش ڪيو. ٺڏهوڪي جنرل مئنيجر عبد الڪريم بلوچ ۽ اسڪرپٽ ايڊيٽر ممتاز مرزا جي دلچسپيءَ سبب 'لطيفي لاٽ' جي عنوان سان شاهه جي سُتن سورمين تي ناٽڪ لکي پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ پهريون ناٽڪ تاريخي عشقيه داستان مومل راڻي تي 'ڪاڪ محل' جي نالي سان شمشير الحيدريءَ لکيو. 12 قسطن تي مشتمل ان ڊراما سيريل جو پروڊيوسر محمد بخش سميجو هو. شمشير الحيدري ان کان اڳ اردو ڊرامن جي سيريز ۾ به ناٽڪ 'مومل راڻو' ۽ 'سورٺ راءِ ڏياچ' لکي چڪو هو، پر سنڌس لکيل ڊراما سيريل 'ڪاڪ محل' کي بيحد ساراهيو ويو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪاڪ محل بعد ۾ سنگم پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران شايع ڪيو ويو. سيد ماکن شاهه رضوي، شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ جيڪي ريڊيو ناٽڪ لکيا هئا، اهي ساڳيا هن 2004ع ڌاري، پاڪستان ٽيلي ويزن ڪي به لکي ڏنا، پر اهي رڪارڊ نه ڪيا ويا.

هندستان ۾ دور درشن بمبئي تان ڪان موتيهار جو لکيل ’سهڻي ميهار‘ ۽ دور درشن احمد آباد تان لکمي چند جو لکيل ’مومل راڻو‘ پيش ٿي چڪا آهن. هندستان ۾ ڪجھ ٻيا لوڪ ناٽڪ به دور درشن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. شاهه سائينءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي حوالي سان هندستان ۾ سڀ کان اهم ڪم منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻيءَ جو لکيل ٽي وي ناٽڪ ’نيڻين نِندَ حَرام‘ آهي. اهو ناٽڪ ويٽا پبليڪيشن الهاس نگر پاران 1993ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي ناٽڪ اڃا تائين ٽيليڪاسٽ نه ٿي سگهيو آهي. هن وڏيو ناٽڪ جي مهاڳ شاهه جي شارح پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ لکيو آهي. هو لکي ٿو ته، ”هي ناٽڪ شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ سندس سير و سياحت جي نسبت ۾ آهي ۽ ان کي مطالعي ڪرڻ مان پروڙجي ٿو ته، هنن نه رڳو خود رسالي جو اڀياس ڪيو آهي، پر رسالي ۽ شاهه جي سوانح عمريءَ تي به عالمانه ادب بخوبي پڙهيو اٿن ۽ موزون هنڌ تي شاهه صاحب جي ڪلام مان اثر انگيز مثال پيش ڪيا اٿن.“(8)

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ هر دؤر ۾ هر عمر جي ماڻهن لاءِ آهي. ان جي پيغام کي ڦهلائڻ لاءِ ٽيلي ويزن ناٽڪ بهترين وسيلو بڻجي سگهن ٿا. تنهن ڪري شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ گهٽي کان گهٽ ڊراما لکرائي نشر ڪيا وڃن، جيئن دنيا جي هن عظيم شاعر جو فڪر ۽ فلسفو گهڻن ماڻهن تائين پهچي سگهي. ان سلسلي ۾ پي ٽي وي يا ڪو ٻيو ٽي وي چئنل منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻيءَ واري اسڪرپٽ کي فوري طور تي ڊرامي جو عملي روپ ڏئي.

## حوالا

1. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ’شاهه جو رسالو‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012ع، ص: 61.
2. لالواڻي، چينو، ’سنڌي ناٽڪ پرمپرا‘، اسٽيج پبليڪيشن، ڪبير نگر، احمد آباد، 2012ع، ص:8-7.





3. ملڪاڻي، منگها رام ، پروفيسر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص: 15.
4. بلوچ، غلام رسول، ’سنگيت ڊراما‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، مئي 1988ع، ص:103.
5. لالواڻي، چينو، ’سنڌي ناٽڪ پرمپرا‘، اسٽيج پبليڪيشن، ڪبير نگر، احمد آباد، 2012ع، ص:9.
6. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر، نصير مرزا جي، مقالي نگار سان 16 آڪٽوبر 2014ع تي ٽيل ڳالهه ٻولهه.
7. لالواڻي، چينو، ’سنڌي ناٽڪ پرمپرا‘، اسٽيج پبليڪيشن، ڪبير نگر، احمد آباد، 2012ع، ص:10.
8. آڏواڻي، ڪلياڻ، پروفيسر، (مهاڳ) ’نيڻين نِندَ حرام‘ (منوهر بيدي، جڳديش لڇاڻي)، ويٽا پبليڪيشن، الهاس نگر، 1993ع، ص. ب.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair